هڪ مسلمان جي لاءِ

محبت ۽ دوستيءَ جو معيار

حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

هڪ مسلمان جي لاءِ

محبت ۽ دوستيءَ جو معيار

حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ
جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،
اسڪيم_33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313_2707097

حق ۽ واسطا ڪليل

ڪتاب جو نالو: محبت ۽ دوستيءَ جو معيار

پهريون ڇاپو: 2020ع
ڪمپوزنگ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ : حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ، ڪراچي
قيمت : 30/= رپيا

دعوتي سلسلي جا ڪتابڙا

(1) الله رحمان ۽ رحيم آهي (2) دعوت الي الله (3) منهنجو قرآن تي عمل پورو يا اڌورو؟ (4) هڪ مسلمان جي لاءِ محبت ۽ دوستيءَ جو معيار (5) مسلمان جي حيثيت ۾ منهنجي ذميواري (6) ڪير آهي جو الله کي قرض ڏئي؟ (7) قرآن سمجهي پڙهڻ لازم آهي (8) الله تي ايمان جون عملي صورتون

هي ڪتابڙا ڇپائڻ جي اجازت آهي. سرنديءَ وارن ماڻهن يا مسجد انتظاميه جي پاران نمازين ۽ پاڙيوارن ۾ تقسيم ڪرڻ سان دعوت جي وڏي ديني سرگرمي سرانجام ڏئي سگهبي. ان مقصد جي لاءِ ڪنهن به موضوع جا هڪ سؤ ڪتابڙا هڪ هزار رپين ۾ هيٺين هنڌن تان ملي سگهندا.

اسٽاڪسٽ

- سنڌيڪا اڪيڊمي B-24 ، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021-32737290
- سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 03352233803- 03013431537
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، جي پي او روڊ پوسٽ آفيس پنيان لاڙڪاڻو فون: 03313480039

رابطي لاءِ:

حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،
اسڪيم-33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097

بري سنگت کان بچڻ جو ڀلو نتيجو

“ڀوءِ ڪي (ماڻهو) ڪن ڏانهن مهاڙ ڪري ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳندا. منجهانئن ڪو چوندڙ چوندو ته بيشڪ (دنيا ۾) منهنجو هڪ سنگتي هو، جو چوندو هو ته تون (قيامت جو) مڃيندڙ ٿيو آهين ڇا؟ ها جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسان کي بدلو ڏنو ويندو ڇا؟ (وري اُهو) چوندو ته اوهين (ٻه دوزخين کي) ڏسو ٿا ڇا؟ ڀوءِ (پاڻ) جهاتي پائيندو ته اُهو (سنگتي) دوزخ جي وچ ۾ ڏسندو. چوندو ته الله جو قسم !تو ته مون کي ذري گهٽ هلاڪ ٿي ڪيو. ۽ جيڪڏهن منهنجي پالڻهار جو (مون تي) فضل نه ٿئي ها ته بيشڪ آءٌ (ٻه عذاب ۾) حاضر ڪيلن مان هجان ها. بيشڪ، اسين نه ڪِي (هاڻي وري) مرڻ وارا آهيون. (اهو) رڳو اسان جو پهريون مرڻ هو (جو ٿي چڪو) ۽ نه ڪِي عذاب ڪيل آهيون. بيشڪ اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي. اهڙي (نعمت) لاءِ ڀلي ته عمل ڪندڙ عمل ڪن. ڀلا اِها (بيان ڪيل نعمت) مهمانيءَ طور ڀلي آهي يا ٿوهر جو وڻ؟”

ڀلو دوست ڪير؟

عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ:
رسول الله ﷺ کان ڪنهن پڇيو: ”اسان ڪهڙن ماڻهن جي صحبت ۾ ويهون؟“ پاڻ ﷺ فرمايو: ”جن کي ڏسي الله ياد اچي ۽ جن جي ڳالهائڻ سان توهان جي ديني ڄاڻ ۾ واڌارو ٿئي ۽ جن جو عمل توهان کي آخرت جي يادگيري ڪرائي.“ (ابن حبان)

فهرست

مُنڍ

محبت ۽ دوستي تمام ئي پاڪ جذبا آهن, پر اسان ڀلو دوست ان کي سمجهندا آهيون جيڪو اسان جي هر ڪم ۾ اسان جو ساٿ ڏئي, پوءِ ڀلي اهو ڪم غلط ئي ڇونہ هجي, اسان جي هر ڳالهہ تي ها ۾ ها ملائي, پوءِ ڀلي ڇونہ اهو گناهہ جو ڪم ئي هجي. حقيقت ۾ ڀلو دوست اهو هوندو آهي جيڪو اسان جي دنيا جي معاملن ۾ بہ ڀلائيءَ جو اونو رکي ۽ اسان جي مرڻ ڪانپوءِ واري حياتيءَ لاءِ بہ فڪرمند هجي. اهو اسان کي الله تعاليٰ سان جوڙي ۽ جيڪي ڳالهيون ان جوڙ جوڙڻ ۾ رڪاوٽ هجن, آئيني وانگر انهن ڳالهين جي نشاندهي ڪري, اسان جي آخرت جو فڪر ڪري. اِهو سڀ ڪجهہ اهو ئي ڪري سگهي ٿو, جيڪو الله ۽ ان جي پياري رسولﷺ سان دلي لاڳاپو رکندڙ هوندو ۽ ان سان محبت ڪندڙ هوندو ڇو جو اهڙو دوست ڄاڻندو آهي تہ هڪ مومن جي زندگيءَ ۾ اُن جو الله ۽ اُن جو رسول سڀ کان اول هوندو آهي. ان جي محبت سڀ کان اول هوندي آهي, جيڪا سدائين قائم رهندڙ آهي, جيڪا ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندي. جڏهن تہ باقي دنيا جون سيئي محبتون فنا ٿي وينديون. ماءُ پيءُ جي محبت, زال ۽ ٻارن جي محبت, مٽن مائٽن جي محبت, گهرگهاٽ جي محبت, مال دولت جي محبت, مطلب تہ سيئي محبتون فنا ٿي ويندڙ آهن پر جيڪا محبت الله ۽ ان جي رسول سان جڙيل هوندي سا باقي رهندي.

رسول اللهﷺ فرمايو:

“قيامت جي ڏينهن تون انهن سان گڏ اٿندين جن سان تون محبت ڪرين ٿو.” (بخاري)

اصل ۾ هن ڪتابڙي جو مقصد ئي اهو آهي تہ انسان نيڪ ۽ بري سنگت ۾ فرق ڪري سگهي. دنياوي محبتن جي جادوءَ مان نڪري الله سان محبت ۽ دوستي ڪري ڏسي تہ ان جي محبت ۾ ڪيترو نہ مزو ۽ سڪون آهي. الله تعاليٰ سان محبت جي نتيجي ۾ وري نيڪ, پرهيزگار ۽ صالح انسانن سان دوستي جو ناتو ڳنڍڻ گهرجي ڇو جو قرآن ڪريم موجب انهن جي دوستي دنيا ۾ بہ چڱائيءَ جو سبب بڻبي ۽ قيامت جي ڏينهن بہ فائدو ڏيندي.

قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي:

اَلۡاَخِلَّآءُ یَوۡمَئِذٍۭ بَعۡضُهُمۡ لِبَعۡضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الۡمُتَّقِیۡنَ ﴿الزخرف: 67﴾

“قيامت جي ڏينهن سيئي هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پوندا سواءِ پرهيزگار ماڻهن جي.”

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ هو اسان کي نيڪ ۽ صالح ماڻهن سان محبت ۽ انهن جي سنگت نصيب ڪري ۽ آخرت ۾ اسان جو حشر بہ صالحن سان گڏ ڪري. آمين.

تعارف

عربي ٻوليءَ ۾ ”ولي“ جي معنيٰ هوندي آهي دوست، مددگار، پاسدار، ويجهو، وغيره. انهيءَ مان لفظ ”ولاء“ ٺهيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي دوستي، ويجهڙائي، محبت، مدد، پنيرائي، وغيره. جڏهن اهو ئي لفظ ”ال“ جي واڌاري سان استعمال ٿيندو آهي يعني ”اَلْوَلَاء“ ته اهو هڪ شرعي اصطلاح آهي، جيڪو هن ڳالهه جي چٽائي ڪري ٿو ته مؤمن کي ڪنهن ڪنهن سان دوستي ۽ محبت ڪرڻ گهرجي.

اهڙي طرح حُب جي معنيٰ محبت (love) آهي. جيستائين محبت جو لاڳاپو آهي ته اهو هڪ زبردست هاڪاري جذبو آهي جيڪو انسان جي اندر لازمي هئڻ گهرجي. انهيءَ جذبي جو صحيح استعمال زندگين ۾ راحت ڀري ڇڏي ٿو.

ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو:

”مؤمن ته محبت ۽ الفت جو مرڪز آهي. ان ماڻهوءَ ۾ ڪا به ڀلائي نه آهي جيڪو ٻين سان محبت نٿو ڪري ۽ ٻيا به ان سان محبت نٿا ڪن.“ (مسند احمد)

اچو ته هاڻي اسان محبتن جي ڪجهه قِسمن ۽ مرحلن وسيلي هي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ته اسان جي لاءِ محبت ۽ دوستيءَ جو ڪهڙو معيار هئڻ گهرجي؟ ڪهڙي محبت ۽ دوستي اسان جي دنيا ۽ آخرت لاءِ فائديمند ۽ ڪهڙي ”خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةَ“ (دنيا ۽ آخرت جو نقصان) آهي؟

محبت ۽ دوستيءَ جا قسم!

محبت ۽ دوستيءَ جا ٽي قسم آهن: (1) واجب محبت، (2) مباح محبت ۽ (3) حرام محبت

(1) واجب محبت:

محبتن ۾ اها سڀ کان وڏيڪ اهم محبت آهي ۽ فرض جو درجو رکندي آهي. انهيءَ محبت جو لاڳاپو الله تعاليٰ جي ذات سان ۽ ان سان لاڳاپيل سمورين شين سان آهي جيڪي اسان جي آخرت جي ڇوٽڪاري جو سبب ٿينديون.

الله تعاليٰ پاڻ به قرآن ڪريم ۾ ايمان وارن جي سڃاڻ هن طرح ڪرائي آهي:

”ايمان وارا ته الله جي محبت ۾ ڏاڍا زور هوندا آهن...“

(سورة البقره: 165)

يعني الله تعاليٰ سان ايتري تہ شدت واري محبت هجي جو انسان جي زبان تي هر وقت الله تعاليٰ جي پچار ۽ ان جو ذڪر هجي. پنهنجي زندگي اهڙي بڻائي جيڪا الله تعاليٰ کي وڻندڙ هجي ۽ ڪيس هر وقت الله تعاليٰ کي ئي راضي ڪرڻ جي لنئُون لڳل هجي؛ يعني سندس زندگيءَ جو محور الله تعاليٰ جي ذات ئي هجي. الله جو راضپو انهيءَ ۾ آهي تہ ماڻهو الله جو چيو مڃيندڙ هجي. الله جو چيو آهي تہ هُن انسان کي مٿاهين مرتبي وارو بڻايو آهي تہ ماڻهو انسانن جو احترام ڪري، انهن جي حق ادائگي ڪري، انهن سان ڀلايون ڪري. اهي ڳالهيون بہ الله سان محبت جو اظهار آهن. انهيءَ سان الله تعاليٰ جي رضا ۽ محبوبيت حاصل ٿئي ٿي.

ابوذر غفاريؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو:

> “الله تعاليٰ کي پنهنجي ٻانهن جي عملن مان سڀ کان وڌيڪ پيارو ۽ پسنديده عمل اها محبت آهي جيڪا الله تعاليٰ جي راضپي لاءِ هجي.”
> (ابوداؤد)

الله سان سچي محبت جي نشاني

جيڪڏهن دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت هجي تہ اها سڃاتي ڪيئن ويجي؟ ان جو اهڃاڻ يا نشاني ڇا آهي؟

ان جي نشاني هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن وقت الله تعاليٰ جي طرفان ڪا گهر ٿئي، پوءِ اهو عمل ڪرڻ جو هجي يا ڪا قرباني ڏيڻ جو، تہ يڪدم “ٻڌم ۽ عمل ڪيم” چئي ڪري ان کي پورو ڪيو وڃي، يا وري الله جي راضپي لاءِ ۽ ان جي پسند کي سامهون رکندي، انهن شين کي ڇڏيو وڃي جيڪي رب تعاليٰ کي پسند نہ آهن. اهو ئي حقيقي معيار آهي، ڇو جو اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ، جنهن شيءِ سان انسان محبت ڪندو آهي ان کي ڇڏڻ ان لاءِ ڏکيو ٿي ويندو آهي.

الله تعاليٰ جو پاڪ ارشاد آهي:

> “ڇڱائيءَ کي ايسين ڪڏهن نہ پهچندؤ جيسين جن شين کي دوست رکندا آهيو تن مان (الله جي واٽ ۾ نہ) خرچيو، ۽ جيڪا شيءِ (الله لڳ خرچيو سا ڀَلي هئڻ گهرجي) ڇوتہ الله اُن کي ڄاڻندڙ آهي.” (سورة آل عمران: 92)

نيڪيءَ جو اصل روح الله تعاليٰ جي محبت آهي. اهڙي محبت جو الله تعاليٰ جي رضامنديءَ جي ڀيٽ ۾ دنيا جي ڪابہ شيءِ پياري نہ هجي. جنهن بہ شيءِ جي محبت انسان تي ايتري سوڀاري ٿي وڃي جو هو ان کي الله تعاليٰ جي محبت تي قربان نہ ڪري سگهندو هجي تہ پوءِ اهو ئي ان جو بُتُ آهي. جيستائين ماڻهوءَ انهيءَ بت کي ڀڃي ڀورا نہ ڪري، نيڪيءَ جا دروازا ان لاءِ بند آهن.

حضرت ابراهيمؑ جو مثال اسان جي اڳيان آهي. هن الله تعاليٰ جي هر سڏ تي “جيءُ منهنجا رب، مان حاضر آهيان!” چيو. پنهنجي ڪيترن ئي محبتن کي الله تعاليٰ لاءِ قربان

ڪيو، تڏهن وچي الله تعاليٰ ڪيس پنهنجي دوست بڻايو، خليل الله بڻايو. جيڪڏهن انسان جو هي رويو ٿي وڃي ته الله تعاليٰ جي حڪم تي يڪدم عمل ۽ فرمانبرداري ڪري ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏي ته هيءَ ان ڳالهه جي نشاني آهي ته سندس سموريون محبتون الله تعاليٰ جي فرمان هيٺ آهن. سندس محبتون ڪمزوري نه آهن، مجبوري نه آهن ۽ الله تعاليٰ جي حڪم مڃڻ ۾ رڪاوٽ (barrier) نه پر وسيلو (means) بڻيل آهن.

انسان جي سيٽاپ ۾ پل انهيءَ ۾ آهي ته هو انهن سمورين محبتن کي هڪ اهڙي پُل (bridge) بڻائي ڇڏي، جيڪا ڪيس الله تعاليٰ تائين پهچائي ڇڏي. ايئن نه ٿئي جو انهن دنياوي محبتن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي الله کي وساري ڇڏي، يا وري الله جي محبت کي پٺ پويان اڇلي ڦٽو ڪري.

اڄ ڪلهه ڏٺو ائين ويو آهي ته معاشي فڪرات واري ڊوڙ ۾ ماڻهو ايترو مصروف ٿي ويو آهي جو اسان کي الله تعاليٰ جي باري ۾ سوچڻ جو وقت تمام ئي گهٽ ملي ٿو. الله تعاليٰ سان اسان جو عبديت جو پورو سارو، تمام ئي پري جو، رسمي (formal) يا اجا به ايئن چئجي ته بلڪل ئي ٽٽڙو ڳانڍاپو آهي. ان جي حڪمن جي بجا آوري به اسان پنهنجي موڊ ۽ مرضيءَ تي ڪريون ٿا. اهو پالڻهار، جيڪو اسان کي ستر مائرن کان وڌيڪ محبت ڪري ٿو، ان سان لاڳاپي ۾ محبت وارن جذبن جي گرمي هئڻ گهرجي پر افسوس ان ڳالهه جو آهي ته اسان جي محبت ۾ اها گرمي آهي ئي ڪونه. الله تعاليٰ جو نالو ٻڌي دل خوشيءَ سان، شڪر سان ڀرجي وڃي، ان جي قدرت ۽ ڪبريائيءَ تي اکيون آليون ٿي وڃن، ان جي ڀلاين ۽ مهربانين تي پنهنجائيت جو احساس اجاگر ٿي پوي، ان جي رحمت تي ويجهڙائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳي: اهو ئي اصل ۾ الله تعاليٰ جي محبت جو معيار آهي ۽ اها محبت هر مسلمان جي عقيدي جي تقاضا آهي، يعني الله تعاليٰ سان اهڙي محبت ڪرڻ هر مسلمان تي عين فرض آهي.

رسول الله ﷺ سان محبت:

اسان جو ايمان ان وقت تائين مڪمل نٿو ٿي سگهي جيستائين اسان رسول الله ﷺ سان محبت نه ڪريون. جيڪڏهن اسان جي محبت سچي آهي ۽ اسان سدائين لاءِ نبي ڪريم ﷺ سان گڏ رهڻ گهرون ٿا ته پوءِ ان جو طريقو رڳو هيءُ آهي ته رسول الله ﷺ جي فرمانبرداري اختيار ڪريون.

اصحاب سڳورن جي زندگين تي نظر وجهو ۽ ويچار ڪري ڏسو ته انهن رسول الله ﷺ سان محبت جو حق ڪيئن ادا ڪيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ جي مبارڪ زندگيءَ جو ڪو هڪ به اهڙو پل نه آهي جنهن ۾ انهن نبي ڪريم ﷺ جي فرمانن کي ڌيان سان نه ٻڌو هجي يا ڪين غور سان نه ڏٺو هجي ۽ ان کان پوءِ سندن فرمان تي جيئن جو تيئن عمل نه ڪيو هجي. پاڻ ﷺ زندگي ڪيئن گذاري. مال جي هوند وقت ڪيئن اهو محرومن ۽ سائلن کي ڏئي ڇڏيندا هئا. زندگيءَ ۾ شڪر ڪيئن هو؟ ماڻهن سان ڀلايون ڪيئن هيون؟ معافي ۽ درگذر جو عالم ڇا هو؟ محبت ڇا هئي؟ انسان باهه

جي عذاب کان بچي وڃن ان جي فڪرمندي ڇا هئي؟ پاڻ ڪيئن اٿندا ويهندا هئا؟ نمازون ۽ روزا ڪيئن پڙهندا ۽ رکندا هئا؟ گهريلو، ديني ۽ قومي ذميواريون ڪيئن نڀائيندا هئا؟ پاڻ سڳورنﷺ جي انهن سمورين ڳالهين کي اصحاب سڳورن غور سان ڏٺو، پوءِ پاڻ سڳورنﷺ جي فرمانبرداريءَ جا انتهائي عمدا مثال قائم ڪندي پاڻ ڪريمنﷺ سان محبت جو حق ادا ڪيو.

ايئن اڄ بہ رسول اللهﷺ سان محبت جي تقاضا آهي تہ زندگيءَ جي هر معاملي ۾، وک وک تي، پاڻ سڳورنﷺ جي فرمانبرداري اختيار ڪندي، سندن فرمانن تي عمل ڪيو وڃي: ڇو جو اها محبت جيڪا رسول اللهﷺ جي طريقي تي هلڻ نہ سيکاري، سا رڳو نڪِيءَ جو ناهہ آهي. اها محبت جيڪا توهان کي پاڻ سڳورنﷺ جي فرمانبرداري نہ سيکاري، اُها سراسر ڪوڙ ۽ منافقت آهي ۽ اها محبت جيڪا توهان کي حضورﷺ جي طريقي جي ويجهو نہ ڪري سا رڳو ڏيکاءُ آهي.
رسول اللهﷺ فرمايو:

> ”ڪو ماڻهو ان وقت تائين مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي اولاد، پيءُ ماءُ ۽ باقي ٻين سمورن ماڻهن جي ڀيٽ ۾ مون سان وڌيڪ محبت نٿو ڪري.“ (بخاري ۽ مسلم)

رسول اللهﷺ سان محبت جي هڪ گُهر هيءَ بہ آهي تہ پاڻ سڳورنﷺ جي مِشن ۾ انهن جو هٿ ونڊايو وڃي. رسالت جو زمانو تہ ختم ٿي ويو پر رسالت وارو ڪم جيستائين دنيا موجود آهي، جاري رهندو. پاڻ سڳورنﷺ جو مشن ڇا هو؟ سندن مشن هو قرآن جي تعليم کي دعوت وسيلي عام ڪيو وڃي ۽ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر وسيلي دين جي حڪمن کي نافذ ڪيو وڃي. دنيا ۾ جيڪي ماڻهو گمراهيءَ واري باهہ جي ڪناري تي بيٺل آهن، انهن کي اتان بچايو وڃي.

قرآن سان محبت

انسان جي مومن هئڻ جو هڪ معيار هيءُ بہ آهي تہ ان جي دل ۾ قرآن جي محبت، عزت ۽ عظمت جو احساس هجي. ان جي دل ۾ الله تعاليٰ جو ڪلام پڙهڻ جو شوق هجي. ياد رکو تہ اسان جي زندگيءَ جو ڪو بہ تجربو قرآن ڏانهن اچڻ ۽ ان کي سمجهي ڪري پڙهڻ کان وڌيڪ اهم، عظيم، برڪت ڀريو ۽ نفعو ڏيندڙ نٿو ٿي سگهي.

قرآن ڪريم ۾، الله تعاليٰ جي طرفان علم ۽ ڏاهپ جي بي مثال خزانن جو هڪ جهان آهي، جيڪو زندگيءَ جي هر امتحان تي اسان جي رهبري ڪرڻ لاءِ تيار آهي. قرآن مان انسان کي اهڙي روشني ملي ٿي جيڪا سندس روح کي روشن ڪري ڇڏي ٿي. هن ۾ الله جي سڃاڻ جو خزانو موجود آهي جيڪو انسان جي دل کي معمور ڪري ڇڏي ٿو. الله جي نعمتن ۽ احسانن جو اهڙو تفصيل آهي جيڪو دل کي پگهاري ڇڏي ٿو ۽ اکين مان لڙڪ لار ڪري ڪرڻ لڳن ٿا. سچ هي آهي تہ انسان جي

لاءِ قرآن کان وڌيڪ قيمتي ۽ قدر لائق دنيا جو ٻيو ڪو بہ خزانو نہ آهي.

قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي:

”(اي نبيﷺ) چئو تہ (هي قرآن) الله جي فضل سان ۽ سندس ٻاجھ سان (نازل ٿيو آهي) پوءِ اُن سان خوش ٿيڻ گهرجين...“ (سورت يونس: 58)

انسان جي ان کان وڌيڪ بدبختي نٿي ٿي سگهي تہ هو 60 يا 70 يا 80 سالن جي زندگي گذاري، هن دنيا مان موڪلائي وڃي ۽ زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ هن ڪتاب کي کولڻ جي تڪليف نہ ڪري تہ هي الله جو ڪلام ڪهڙو پيغام ڏئي ٿو؟ هن ۾ ڇا لکيل آهي؟ قرآن ڪريم مون کي ڇا ٿو ٻيو چوي؟ يعني ڪڏهن بہ هن جي دل ۾ قرآن کي هنئين هنڊائڻ لاءِ محبت پيدا نہ ٿي هجي.

اَللّٰهُمَّ لَا تَجْعَلْنَا مِنْهُمْ

”اي الله! اسان کي اهڙن ماڻهن ۾ شامل نہ ڪجان.“ (آمين)

قرآن بہ پنهنجا دروازا رڳو انهن ماڻهن لاءِ ئي کوليندو آهي جن جي اندر هدايت جي گهرج هوندي آهي ۽ الله جي ڪلام سان محبت هوندي آهي.

الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

”مُؤمن اُهي ئي آهن جن جون دليون جڏهن الله ياد ڪيو ويندو آهي (تہ) ڏڪي وينديون آهن ۽ جڏهن سندس آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن تڏهن اُهي سندن ايمان کي وڌائينديون آهن...“ (سورت الانفال:2)

نبين اصحاب سڳورن ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جي پاڪ گهر وارين سان محبت

اسلام آڻڻ جي بنيادي گهُر هيءَ بہ آهي تہ الله تعاليٰ جي موڪليل سمورن نبين سڳورن ۽ پاڻ ڪريمنﷺ جي اصحاب سڳورن سان محبت ڪئي وڃي ۽ انهن جي وچ ۾ ڪنهن بہ قسم جو فرق نہ رکيو وڃي ۽ نہ ئي ڪنهن هڪ جو مان ٻئي کان وڌايو وڃي.

قرآن ڪريم ۾ جيڪي نبين سڳورن جا قصا موجود آهن: مثال طور حضرت ابراهيمؑ، حضرت نوحؑ، حضرت لوطؑ، حضرت يوسفؑ، حضرت موسيٰؑ، حضرت عيسيٰؑ ۽ ٻين نبين سڳورن جا قصا، انهن مان سبق پرايو وڃي. انهن جي تعليم تي سوچ ويچار ڪيو وڃي. پنهنجي ٻارن کي انهن جي زندگيءَ جي احوال کان واقف ڪرايو وڃي ۽ انهن نبين جي ڪردار کي پنهنجي لاءِ عملي نمونو (role model) بڻايو وڃي، ڇو جو اهي سمورا الله تعاليٰ جا خاص ٻانها آهن ۽ الله تعاليٰ جا چونڊيل آهن.

اصحاب سڳورن جي ايمان جي شاهدي تہ الله تعاليٰ پاڻ قرآن پاڪ ۾ ڏني آهي. الله تعاليٰ اسان مسلمان امت کي، اصحاب سڳورن جي ايمان جهڙو ايمان آڻڻ جو حڪم ڏئي ٿو. فرمايو ويو:

آمِنُوا كَمَا آمَنَ النَّاسُ ﴿البقرة: 13﴾

”... ايئن ايمان آڻيو جيئن ماڻهن (اصحاب سڳورن) ايمان آندو آهي...“

اهڙي طرح سان پاڻ سڳورن ﷺ جي پاڪ گهر وارين جي باري ۾ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ:

النَّبِيُّ أَوْلَىٰ بِالْمُؤْمِنِينَ مِنْ أَنفُسِهِمْ وَأَزْوَاجُهُ أُمَّهَاتُهُمْ ﴿الأحزاب: 6﴾

”پيغمبر ﷺ مؤمنن تي سندن جانين کان وڌيڪ حق رکندو آهي ۽ سندس زالون سندن مائرون آهن.“

تنهن ڪري اسان کي بہ انهن سان پنهنجي مائرن جهڙي محبت ڪرڻ گهرجي.

(2) مباح محبت

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوَاتِ مِنَ النِّسَاءِ وَالْبَنِينَ وَالْقَنَاطِيرِ الْمُقَنطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْأَنْعَامِ وَالْحَرْثِ ذَٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَاللَّهُ عِندَهُ حُسْنُ الْمَآبِ ﴿آل عمران: 14﴾

”ماڻهن لاءِ زالن ۽ پُٽن ۽ سونَ ۽ چانديءَ جي (وڏن وڏن) سٽيل ڍيرن ۽ نشان ڪيل گهوڙن ۽ ڍورن ۽ پوک جي سڌن جو پيار سينگاريو ويو آهي، اِهو دنيا جي حياتيءَ جو سامان آهي، ۽ الله وٽ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي.“

انسان کي فطري طور تي پنهنجا ٻار ٻچا، پئسو ڏوڪڙ، پوکي راهي، واپار وڙو وغيره چڱو لڳندو آهي. الله تعاليٰ انهن جي محبت کان بہ نہ روڪيو آهي ۽ انهيءَ محبت کي مباح (جائز) سڏيو آهي، پر ان لاءِ شرط اهو آهي تہ اها محبت ايتري هجي جيترو هن دنيا ۾ رهڻو آهي. ان محبت ۾ ماڻهو ايترو غافل نہ ٿي وڃي جو انسان جي ابدي آخرت واري زندگي تباهہ ٿي وڃي. ان ڪري قرآن مٿين آيت ۾ خبردار ڪيو آهي تہ الله وٽ موٽڻ جو هنڌ آخرت واري زندگيءَ لاءِ ماڻهوءَ جي تياري هجي.

هيءَ بہ حقيقت آهي تہ انهن مباح محبتن جي ڪري ئي دنيا ۾ رونق آهي. جيڪڏهن انسان طبعي طور تي انهن ڏانهن مائل نہ هجي ها تہ دنيا جو نظام ئي تباهہ ٿي وڃي ها. ڪنهن کي ڪهڙي ضرورت هجي ها تہ پوکي راهي ڪرڻ جو اهنج سهي ها. يا مزدوري ۽ ڪارخانن ۾ محنت ڪري ها يا واپار ۾ پنهنجو پئسو سيڙائي ها.

تنهن ڪري دنيا جي قائم رهڻ لاءِ ضروري هو تہ ماڻهن جي دلين ۾ انهن شين جي محبت پيدا ڪئي وڃي پر ان محبت ۾ آزمائش رکيل آهي. ان محبت مان پنهنجي آخرت جي تياريءَ جو سامان ناهڻ اهائي ماڻهوءَ جي ڪاميابي آهي.

الله تعاليٰ جو قرآن ڪريم ۾ فرمان آهي:

”(اي پيغمبر) چؤ تہ الله جي (ٺاهيل) زينت جيڪا جيڪا پنهنجن ٻانهن لاءِ پيدا ڪئي اٿس ۽ روزيءَ مان سٺيون شيون ڪنهن حرام ڪيون آهن؟ چؤ تہ اُهي (شيون) دُنيا جي حياتيءَ ۾ (۽) خلاصيون قيامت جي ڏينهن

مؤمنن لاءِ آهن.” (سورت الاعراف:32)

انهن نعمتن جي محبت کي طبعي طور انسان جي دل ۾ پيدا ڪري، انسان جو امتحان بہ ورتو ويو تہ ڪير انهن شين جي محبت ۾ ڦاسي، انهن شين جي خالق ۽ مالڪ کي وساري ويهي ٿو يا انهن شين کي الله تعاليٰ جي سڃاڻ ۽ محبت جو وسيلو بڻائي ٿو.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

“جيڪي زمين تي آهي سو اسان انهن جي سينگار لاءِ هن ڪري ڪيو تہ سندن آزمائش وٺون تہ انهن مان عملن ۾ ڏاڍو چڱو ڪير آهي.” (سورت ڪهف: 7)

يعني جيڪڏهن دولت جي محبت دل ۾ نہ هجي ها تہ زڪوات ڪڍڻ ڪهڙو ڏکيو هجي ها؟ پوءِ ان جو اجر ۽ ثواب بہ ڪهڙو ملي ها؟ ايئن وري جيڪڏهن کاڌي پيتي جي محبت دل ۾ نہ هجي ها تہ روزو رکڻ ۾ ڪهڙي صبر جي ڳالهہ هجي ها؟ ۽ بکيو اڃيو رهڻ جو ڪهڙو اجر ملي ها؟

اِهي محبتون اصل ۾ اُهي وسيلا آهن جن کي الله جي رضا ۾ استعمال ڪري انسان پنهنجي آخرت سنواري سگهي ٿو. ايئن ئي رشتن ناتن جون محبتون آهن. انهن ئي محبتن جي ڪري الله تعاليٰ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ آسان ٿي ويندو آهي. مثال طور الله تعاليٰ پيءُ ماءُ جا حق رکيا آهن. مٿن مائٽن ناتا ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو آهي. تہ انهن حڪمن جي پابندي ڪرائڻ ۾ اهو محبت وارو جذبو ڀارڻ جو ڪم ڪري ٿو. اهو جذبو جيترو سگهارو هوندو، اوترو ئي عمل ڪرڻ آسان ٿي ويندو.

رسول اللهﷺ فرمايو:

“جڏهن ڪو ٻانهو الله تعاليٰ جي لاءِ ڪنهن ٻئي ٻانهي سان محبت ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ بہ ان جي عزت ڪري ٿو.” (احمد)

اهڙي طرح اولاد سان محبت جي تقاضا آهي تہ انهن کي الله جي معرفت ۽ ٻانهپ جو شعور ڏجي. ان سان هڪ طرف اهي ذميوار انسان بڻجي سماج جا ڪارآمد فرد بڻبا تہ ٻئي طرف الله جي ضابطن کي مڃيندڙ جي حيثيت ۾ اوهان جي لاءِ بہ راحت ۽ سک جو ذريعو بڻبا. اهڙي طرح انهن کي هڪ سٺي مسلمان جي حيثيت ۾ جاري رهندڙ صدقو بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. دولت سان محبت آهي تہ دولت کي الله تعاليٰ جي دين جي سر بلندي ۽ غريبن جي ڀلائي ۽ سڌاري جي ڪمن ۾ لڳايو وڃي. وري مرد ۽ عورت جو لاڳاپو آهي جيڪو هڪ فطري جذبو آهي تہ انهيءَ جذبي کي نڪاح جي وسيلي جائز بڻائي، سنت جو بہ ثواب حاصل ڪيو وڃي. يعني اهي سموريون محبتون هڪ طرح سان جنت کي حاصل ڪرڻ جو سِڪو آهن پر ايئن نہ ٿئي جو انسان انهن ئي محبتن ۾ منجهي وڃي؛ انهن کي ئي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ڇڏي ۽ نعمتون ڏيڻ واري کي وساري، انهن نعمتن کي ئي پوڄڻ لڳي.

الله تعاليٰ فرمايو آهي:

“اي ايمان وارؤ، اوهان کي نہ ڪِي اوهان جا مال ۽ نہ ڪِي اوهان جا اولاد الله جي ياد ڪرڻ کان ويسلو ڪري ڇڏين ۽ جيڪي ائين ڪندا سي ئي

چيهي وارا آهن.“ (سورت المنافقون:9)
رسول اللهﷺ فرمايو:

”جيڪو ماڻهو دنيا سان محبت ڪري ٿو سو پنهنجي آخرت کي ضرور نقصان پهچائي ٿو ۽ جيڪو ماڻهو آخرت سان محبت ڪري ٿو سو پنهنجي دنيا کي ضرور بگاڙي ٿو. ماڻهؤ! هميشہ رهندڙ کي ٿوري وقت رهندڙ تي اوليت ڏيو.“ (مشڪواة)

هي دنيا جون نعمتون اصل ۾ جنت جي نعمتن جو هلڪو عڪس (pale reflection) آهن. اهو عڪس حاصلات جي امنگ لاءِ ڏيڪاريل آهي. باقي نہ تہ ڪير چو نيڪ عمل ڪري جنت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها ۽ بڇڙن عملن کان پاسو ڪري دوزخ کان بچڻ گهري ها؟

(3) حرام محبت

ٽيون قسم حرام محبت آهي، يعني گناهن سان محبت يا انهن شين سان محبت ڪرڻ، جن کان الله تعاليٰ روڪيو آهي. مثال طور شراب، بدڪاري، جوا وغيره. انهن ڏانهن تانگهہ يا دلچسپي وٺڻ. اهي سيئي ڪم حرام محبتن ۾ ڳڻيا ويندا آهن. ان کان سواءِ اسان جي معاشري ۾ هڪ تمام ئي اٽوٽندڙ عمل ناسور وانگر پکڙجي رهيو آهي ۽ اهو آهي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو پاڻ ۾ گڏجي سڏجي رهڻ، دوستي ڪرڻ ۽ ناجائز محبتن کي وڌائڻ. شيطان جو تہ ڪم ئي اهو آهي تہ هو گناهن کي، حرام محبتن کي چڱو، سهڻو ۽ سينگاري (decorate) اسان کي ڏيکاري. تنهن ڪري انهن کان پاڻ بچائڻ ۾ تمام وڏو اجر آهي.
ڪجهہ مثالن سان حرام محبت کي سمجهو:
ٻارن کي ان ڪري صبح جي نماز لاءِ نہ اٿاريو وڃي تہ اهي رات دير تائين امتحان جي تياري ڪري رهيا هئا.
امتحان جيڪڏهن رمضان جي مهيني ۾ اچي ويا تہ انهن کي ان ڪري روزو نہ رکرايو وڃي تہ امتحان ڏيڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي.
غور ڪريو تہ اولاد جي محبت، جائز محبتن ۾ اچي ٿي پر جڏهن اها ئي محبت الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ ۾ ملوث ڪرڻ لڳي تہ هاڻي اها ئي محبت حرام محبت جي درجي ۾ هلي وئي.
اهڙي طرح سان نياڻين کي جوان ٿيڻ کان پوءِ پردو ان لاءِ نہ ڪرايو وڃي تہ انهن تي ٺٺول ڪئي ويندي يا وري اهو بهانو تہ رشتو اچڻ بند ٿي ويندو. جيئن تہ پردو جوان ٿيڻ کان پوءِ فرض ٿي وڃي ٿو، انهيءَ ڪري انهيءَ فرض کان، اولاد جي محبت جي نالي تي ڪنڌ ڪيائڻ سان الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ جا گنهگار ٿي وڃون ٿا، تنهن ڪري اهڙي محبت بہ حرام محبت آهي.

هڪ عورت کي ڳهه ګهڻو پسند آهن، پر هوءَ زڪوات جي باري ۾ تمام ئي بيپرواهه آهي تہ ڳهن جي اها محبت جيڪا مباح آهي، سا حرام ۾ بدلجي وڃي ٿي تہ ڳهہ تہ خريد ڪيا وڃن، گڏ ڪيا وڃن، ڏيکاءُ جو مظاهرو ڪيو وڃي، پر انهن تي لاڳو ٿيندڙ زڪوات ادا نہ ڪئي وڃي.

خاندان جي دٻاءَ ۾ اچي مينديءَ، ٻُڪي وغيره جي رسمن ۾ پنهنجي ڌيئرن کي سيني جي سامهون آندو، ناچ ۽ راڳ بہ ٿيو، ان ڪري تہ جيئن خاندان وارا ناراض نہ ٿي وڃن تہ هاڻي اها خاندان سان مباح محبت ناجائز ٿي وئي، ڇو جو انهيءَ محبت الله ۽ ان جي رسول جي نافرمانيءَ تي اڀاريو.

مباح محبتن جو حق ان وقت ادا ٿي سگهي ٿو، جڏهن انهن کي الله تعاليٰ جي محبتن جي فرمان ۾ رکيو وڃي ۽ انهن کي الله جي محبت سان جوڙيو وڃي.

اسان جا نوجوان نسل جهڙي طرح ڳائڻن، فلمي اداڪارن ۽ اداڪارائن جا ديوانا (fans) بڻجن ٿا، انهن کي ئي پنهنجي لاءِ مثال (ideal) ۽ نمونو (role model) بڻائن ٿا، انهن جا وڏا وڏا پوسٽر پنهنجن ڪمرن ۽ دروازن تي لڳائين ٿا، انهن جي محبت ۾ آهون ڀرين ٿا، ڇوڪريون چون ٿيون Oh! I am crazy about him (هاءِ! مان تہ ان لاءِ چري ٿي پئي آهيان.)، He is my Idol (هي منهنجو معبود آهي) ۽ I love him! (مون کي هُن سان پيار آهي) وغيره، اهي سموريون حرام محبتون آهن.

هي ڇوڪريون جن اداڪارن جون ديوانيون ٿي پيون آهن، انهيءَ ۾ هڪ طرفي محبت جو گناهہ سر تي کڻڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ فائدو نہ آهي. انهيءَ کي چيو ويندو آهي خَسِرَ الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةَ. يعني دنيا ۽ آخرت ٻنهي جو نقصان. حرام محبت جو اهو ئي نتيجو آهي.

قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي:

> ”۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا ٻئي هٿ چٻيندو چوندو تہ هَيءِ اَرمان (جيڪر) پيغمبر واري واٽ وٺان ها (تہ چڱو هو). هَيءِ هَيءِ ارمان جيڪر فلاڻي کي دوست نہ وٺان ها.“ (سورت الفرقان: 27-28)

پسنديده محبت

رسول اللهﷺ فرمايو: ”اَلنِّكَاحُ مِنۡ سُنَّتِيۡ“ يعني نڪاح منهنجي سنت (طريقو) آهي.“ (بخاري)

زال مڙس جو لاڳاپو ئي ڪجهہ اهڙو آهي جو انهيءَ رشتي ۾ قرب، محبت ۽ پنهنجائپ جي چاشني تمام ضروري آهي. سو جيڪي ڇوڪريون پنهنجي عزت کي پنهنجي مڙس جي امانت سمجهي پنهنجي عزت ۽ مرتبي جي حفاظت ڪنديون آهن، انهن جي اڳتي واري گهريلو زندگي وڌيڪ برڪت ڀري ۽ وڌندڙ ٿي ويندي آهي، ڇو جو انهن کي هن حق ۽ تسليم محبت جو هر پاسو خوبصورت ۽ حيران ڪندڙ (surprising) لڳندو آهي. اهو انهن جي صبر ۽ پنهنجو پاڻ کي خواهشن جي چڪر

مان پاڻ بچائڻ جو انعام هوندو آهي. ڇوڪرن لاءِ به اها ئي ڳالهه آهي. اسان کي ڄاڻ هئڻ گهرجي ته نڪاح کان اڳ واري محبت حرام آهي، جڏهن ته نڪاح کان پوءِ واري اها ئي محبت الله تعاليٰ وٽان اجر ۽ ثواب جو سبب بڻجي ٿي.

قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي:

“۽ سندس نشانين مان هيءُ (به) آهي جو اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ته انهن سان آرام وٺو ۽ اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجهه پيدا ڪيائين، بيشڪ، هن ۾ اُنهيءَ قوم لاءِ نشانيون آهن جيڪي ڌيان رکندا آهن.” (سورت الروم:21)

ان مان خبر پئي ته سڀ کان وڌيڪ پيارو، خوبصورت، محبت ڀريو (romantic) ۽ اَملهه رشتو زال ۽ مڙس جو آهي جنهن کي الله تعاليٰ سڀ کان پهريان خلقيو هو. انهيءَ ڪري اسلام ۾ هڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي وچ ۾ پيار جو تعلق (love affair) نڪاح کان اڳ نه، پر نڪاح کان پوءِ شروع ٿيندو آهي. نڪاح کان پوءِ جيترو دل گهري مڙس سان گڏ گهمو، ڦرو، محبت وارا ڪارڊ ۽ تحفا ڏيو، ڳالهه ڳالهه تي !I love you چئو، پنهنجي مڙس لاءِ چڱيءَ طرح سان تيار ٿيو، سينگار ڪريو، انهن سڀني ڪمن تي توهان لاءِ الله تعاليٰ وٽ اجر ۽ ثواب آهي. سڀ کان چڱي ڳالهه هيءَ ته ان تعلق ۾ نه ماءُ پيءُ جي دڙڪن جو ڊپ ۽ نه مٿن مائٽن جي اڳيان پڪڙجي پوڻ جو خوف، ڇو جو اها محبت الله تعاليٰ جي فرمانبرداريءَ ۾ تمام ضروري، جائز ۽ برڪت ڀري آهي.

رسول الله ﷺ فرمايو: “اسان ٻن محبت ڪرڻ وارن جي لاءِ نڪاح کان وڌيڪ اثرائتي ٻي ڪا شيءِ نه ڏٺي.” (ابن ماجه)

محبت ۽ دوستيءَ جو حقيقي معيار

لاياڻتي دوستي رڳو اها ئي آهي جيڪا نيڪ، پرهيزگار ۽ ديندار ماڻهن سان جاري رکي وڃي، ڇو جو نيڪ ماڻهن سان دوستي رکڻ جو سڀ کان وڏو فائدو هي ٿيندو آهي ته انسان کي نيڪيون ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو آهي. انهيءَ ڪري بي دين ۽ بچڙن ماڻهن کان دوستي سان روڪيو ويو آهي.

رسول الله ﷺ فرمايو:

“ماڻهو پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي، تنهن ڪري هر ماڻهو کي چڱيءَ طرح جاچڻ گهرجي ته هو ڪنهن کي پنهنجو دوست بڻائي رهيو آهي.” (ترمذي)

پاڻ سڳورن ﷺ نيڪ ۽ بد ماڻهن جي دوستيءَ جي فائدن ۽ نقصانن کي هڪ تمام سهڻي مثال سان سمجهايو آهي:

رسول الله ﷺ جن فرمايو: “نيڪ ماڻهوءَ جي دوستيءَ جو مثال ڪستوري (هڪ قسم جو عطر) وڪرو ڪندڙ واري سان دوستيءَ جهڙو آهي ۽ بد ڪردار ماڻهوءَ سان

دوستيءَ جو مثال باهه جي ڪوري ۽ ڀاڻ واري سان دوستيءَ وانگر آهي. جيڪو ماڻهو ڪستوري وڪڻندڙ وٽ ويندو ته ڪستوري وڪڻندڙ يا ته پاڻ ئي ان کي ڪجهه نه ڪجهه عطر (تحفي ۾) ڏيندو يا وري هي ماڻهو پاڻ ان کان خريد ڪري وٺندو. پر جيڪڏهن انهن ٻنهي مان ڪا به هڪ ڳالهه نه ٿئي ته به ڪيس ڪستوريءَ جي خوشبو جو واس ته ملندو ئي ۽ جيڪو ماڻهو ڪوري ۽ ڀاڻ واري وٽ ويهندو ته ڪوري ڀاڻ وارو ان جا ڪپڙا ساڙي ويهندو ۽ جيڪڏهن سندس ڪپڙا ڪٽي نه به سڙن ته ڪوريءَ جو دونهون ته ضرور ايذائيندس." (بخاري)

هن حديث مان اهو سبق ملي ٿو ته، جيڪو ماڻهو ڪنهن ڏاهي، قرآن ۽ سنت جي پابند عالم، نيڪ يا پرهيزگار ماڻهوءَ جي صحبت اختيار ڪندو يا قرآني درس جي مجلس ۾ اٿندو ويهندو ته ضرور نيڪي، خير، ڀلائي ۽ دين جون ڳالهيون سکندو. جڏهن هو الله ۽ ان جي رسول محمد ﷺ جو برڪت ڀريو ذڪر ٻڌندو ته سندس اندر به اجري پوندو. سندس عملن جي سڌار ٿيندي ۽ دنيا آخرت سنورجي ويندي.

وري جيڪو ماڻهو بي دين ۽ گمراهه انسان کي پنهنجو دوست بڻائيندو ۽ برن ماڻهن جي سنگت اختيار ڪندو ته گناهه جون ڳالهيون ئي سکندو. عام طرح مشاهدو ڪيو ويو آهي ته نشي وارين شين، جهڙوڪ هيروئن، شراب، ڀنگ، چرس، آفيم وغيره جي عادت به انسان کي بري سنگت سبب ئي ٿيندي آهي. ڇوڪريون خراب ڇوڪرين جي سنگت ۾ اچي ڇوڪرن سان سنگت رکنديون آهن ۽ پيءُ ماءُ کي ٺڳي، پنهنجي سنگتين سان ملڻ وينديون آهن.

اهڙي طرح قرآن کان پري ٿي ويل ماڻهن جي مجلس ۾ ويهڻ سان انسان ڪوڙ، گلا، گاريون ۽ بيحيائيءَ جون ڳالهيون ئي سکندو آهي. هر وقت الله تعاليٰ جي نافرمان ماڻهن سان سنگت ۾ رهڻ سبب، انسان کي ان جا وڏا گناهه به ننڍڙا لڳندا آهن. ايئن انسان هوريان هوريان انهن جي ئي عادتن ۾ رڱبو ويندو آهي، جنهن ڪري ان جي سوچ ۽ عمل، ٻئي بگڙي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح هو نه رڳو پنهنجي دنيا، پر آخرت جو پڻ پڪو نقصان ڪري ويهندو آهي.

محبتن جا درجا

محبتن جا ٽي درجا آهن: (1) چسڪي تي آڌاريل محبت، (2) نفعي تي آڌاريل محبت ۽ (3) ڀلائيءَ تي آڌاريل محبت

(1) چسڪي تي آڌاريل محبت

هيءَ نفساني خواهشن ۽ گناهه تي آڌاريل محبت هوندي آهي. مخلوط گڏجاڻين، ڊرامن، فلمن، ڳائڻ وڄائڻ، واهيات ناول پڙهڻ، غير محرم ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو پاڻ ۾ ميل جول ۽ محبت ڪرڻ، وغيره جهڙن عملن سان محبت رکڻ هن درجي جي محبت ۾ اچي وڃن ٿا. هن ناجائز محبت جو هڪ خوفناڪ انجام هي هوندو آهي ته

جيئن ئي ڇوڪري جو ڇوڪريءَ مان مطلب پورو ٿيو ته، هيءَ محبت به اتي ئي پوري ٿي ويندي آهي. مطلب ته هن درجي ۾ جيڪي به محبتون اچن ٿيون سي سيئي آخر ۾ گم ٿي ويندون آهن. شروع به جلدي ٿينديون آهن ۽ ختم به جلدي ٿي وينديون آهن.

(2) نفعي تي آڌاريل محبت

هن ۾ مال جي محبت، عُهدي سان محبت، يا دنياوي نفعو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي اڳواڻ سان محبت ڪرڻ شامل آهن. يعني ڪنهن ماڻهوءَ جو مرتبو ڏسي، ان وٽان ڪنهن نفعي حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ ان سان ملندو رهڻ، لاڳاپا وڌائڻ، آڳو پيڇو ڪرڻ وغيره. اهڙي قسم جي محبت هَوَس ۾ شروع ٿيندي آهي، ڇو جو انسان انهيءَ محبت ڪي شروع ڪرڻ کان اڳ پنهنجي نفعي بابت سوچيندو آهي ته ڪيس آخر ڪيترو نفعو ٿيندو. جڏهن ڪيس پڪ ٿي ويندي آهي ته پوءِ هو اڳتي وک کڻندو آهي. ايئن اها محبت دير سان شروع ٿيندي آهي ۽ فائدو پورو ٿيندي ئي ختم ٿي ويندي آهي.

(3) ڀلائيءَ تي آڌاريل محبت

هيءَ محبت الله تعاليٰ جي محبت تي آڌاريل هوندي آهي. هن محبت جو مدار ڪنهن ماڻهوءَ تي نه هوندو آهي، پر اها نج الله تعاليٰ جي محبت هوندي آهي. انسان دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پنهنجي پالڻهار سان پيار ڪندو آهي. پنهنجي پالڻهار جي پيار منجهان فرمانبرداري ڪندو آهي. پنهنجي پالڻهار لاءِ جيئندو آهي ۽ سندس ئي نالي تي مرندو آهي.

رسول اللهﷺ جن جو فرمان آهي:

”جيڪو محبت ڪندو آهي ته الله تعاليٰ جي لاءِ، ڪنهن سان ناراض ٿيندو آهي ته به الله تعاليٰ لاءِ، ڪنهن کي ڪجهه ڏيندو آهي ته الله تعاليٰ لاءِ ۽ ڪنهن کي نه ڏنو ته به الله تعاليٰ جي لاءِ، ته اهڙي ماڻهوءَ پنهنجو ايمان مڪمل ڪري ورتو.“ (ابودائود)

هڪ ٻي حديث ۾ رسول اللهﷺ فرمايو:

”الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن فرمائيندو: ڪٿي آهن منهنجي جلال جي لاءِ محبت ڪرڻ وارا؟ اڄ مان انهن کي پنهنجي عرش جي ڇانوَ ۾ جاءِ ڏيندس، جڏهن جو اڄ منهنجي ڇانوَ کانسواءِ ٻيو ڪو به ڇانورو نه آهي.“ (مسلم)

هن محبت جو اهڃاڻ هيءُ آهي ته، اها محبت الله تعاليٰ جي نالي تي قائم ٿيندي آهي، گهڻو سگهاري، جٽادار ۽ گهڻي عرصي تائين هلندڙ هوندي آهي پر هن محبت هلندي انسان جو لاڳاپو الله تعاليٰ سان ڪمزور ٿي پيو ته هيءَ محبت اتي ئي ختم ٿي ويندي آهي.

دوستيءَ جي اهميت

(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

“مومن مرد ۽ مومن عورتون، اهي سيئي هڪ ٻئي جا سنگتي آهن، نيڪيءَ جو حڪم ڏيندا آهن برائيءَ کان روڪيندا آهن، نماز قائم ڪندا آهن، زڪوات ڏيندا آهن ۽ الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪندا آهن. هي اهي ماڻهو آهن جن تي الله تعاليٰ جي رحمت ضرور نازل ٿيندي، پڪ سان الله سيني تي سوڀارو ۽ حڪيم ۽ داناءُ آهي.” (سورت التوبہ: 71)

“توهان جا دوست ته حقيقت ۾ رڳو الله ۽ الله جو رسول ۽ ايمان وارا آهن جيڪي نماز قائم ڪندا آهن، زڪوات ڏيندا آهن ۽ الله جي اڳيان جهڪڻ وارا آهن، ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول ﷺ ۽ ايمان وارن کي پنهنجو دوست بنائي، تنهن کي خبر هجي ته الله جي جماعت ئي سوڀاري رهندڙ آهي.” (سورت المائده:55-56)

“اي ايمان وارؤ! منهنجن ۽ پنهنجي دشمنن کي دوست نه بڻايو...” (سورت الممتحنہ: 1)

“اي ايمان وارؤ! پنهنجي پيئرن ۽ پنهنجي ڀائرن کي به دوست نه بڻايو جيڪڏهن اهي ايمان تي ڪفر کي اوليت ڏين....” (سورت التوبہ:23)

الله ڪهڙن ماڻهن کي دوست رکي ٿو؟

...وَأَحْسِنُوا إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ ﴿البقرة: 195﴾

“...۽ چڱائي ڪريو، ڇو ته الله چڱائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.”

...إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ التَّوَّابِينَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِينَ ﴿البقرة: 222﴾

“... بيشڪ الله توبہ ڪندڙن ۽ پاڪ صاف رهڻ وارن کي پسند ڪندو آهي.”

...إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِينَ ﴿آل عمران: 159﴾

“... بيشڪ الله ڀروسو رکندڙن کي دوست رکندو آهي.”

...إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِينَ ﴿المائدة: 42﴾

“... بيشڪ الله انصاف ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.”

...إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِينَ ﴿التوبة: 7﴾

“... بيشڪ الله پرهيزگارن کي دوست رکندو آهي.”

...وَاللَّهُ يُحِبُّ الصَّابِرِينَ ﴿آل عمران: 146﴾

“... بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي.”

إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الَّذِينَ يُقَاتِلُونَ فِي سَبِيلِهِ صَفًّا كَأَنَّهُم بُنْيَانٌ مَّرْصُوصٌ ﴿الصف: 4﴾

"بيشڪ الله انهن کي دوست رکندو آهي جي سندس واٽ ۾ (اهڙي) صف ٻڌي وڙهندا آهن (جو) ڄڻڪ اُهي هڪڙي سيهي پلٽيل ڀت آهن."

اللَّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخْرِجُهُم مِّنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ ﴿البقرة: 257﴾

"الله مؤمنن جو دوست آهي، ڪين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪيندو آهي"

الله تعاليٰ ڪهڙن ماڻهن کي دوست نا هي رکندو؟

...إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِينَ ﴿النحل: 23﴾

".. بيشڪ الله وڏائي ڪندڙن کي دوست نٿو رکي."

...إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُورٍ ﴿لقمان: 18﴾

"... بيشڪ الله ڪنهن آڪڙ ڪندڙ، پاڻ پڏائيندڙ کي دوست نٿو رکي."

...وَاللَّهُ لَا يُحِبُّ الظَّالِمِينَ ﴿آل عمران: 140﴾

"... بيشڪ الله ظالمن کي دوست نٿو رکي."

...إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ ﴿البقرة: 190﴾

"... بيشڪ الله ڏاڍائي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري."

...وَاللَّهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ كَفَّارٍ أَثِيمٍ ﴿البقرة: 276﴾

"... ۽ الله ڪنهن ناشڪر، بد عمل انسان کي دوست نٿو رکي."

...فَإِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْكَافِرِينَ ﴿آل عمران: 32﴾

"... بيشڪ الله ڪافرن کي دوست نٿو رکي."

...إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ مَن كَانَ خَوَّانًا أَثِيمًا ﴿النساء: 107﴾

"... بيشڪ الله خيانت ڪندڙ ۽ عادي ڏوهاري کي دوست نٿو رکي."

...إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِينَ ﴿الأنعام: 141﴾

"... بيشڪ الله اسراف ڪندڙ کي دوست نٿو رکي."

...إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْخَائِنِينَ ﴿الأنفال: 58﴾

"... بيشڪ الله خيانت ڪندڙن کي دوست نٿو رکي."

...إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ كَفُورٍ ﴿الحج: 38﴾

"... بيشڪ الله ڪنهن خيانت ڪندڙ، ناشڪر کي دوست نٿو رکي."

...إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِينَ ﴿القصص: 77﴾

"... بيشڪ الله فساد ڪندڙن کي دوست نٿو رکي."

اللّٰه تعاليٰ سان محبت جي اهميت
(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

وَمِنَ النَّاسِ مَن يَتَّخِذُ مِن دُونِ اللَّهِ أَندَادًا يُحِبُّونَهُمْ كَحُبِّ اللَّهِ وَالَّذِينَ آمَنُوا أَشَدُّ حُبًّا لِّلَّهِ... ﴿البقرة: 165﴾

"۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي الله ڪانسواءِ (ٻين ڪي) الله جهڙو ڪري وٺندا آهن، الله جي پيار وانگر پيارو رکندا اٿن، ۽ جن ايمان آندو سي الله جي دوستيءَ ۾ ڏاڍا زور آهن."

"(اي پيغمبر) چئو تہ جيڪڏهن اوهان جا پيئر ۽ اوهان جو اولاد ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا مائٽ ۽ اُهي مال جي اوهان ڪمايا آهن ۽ واپار جنهن جي بند ٿيڻ کان ڊڄو ٿا ۽ جايون جن کي پسند ڪريو ٿا، سي اوهان کي الله ۽ سندس پيغمبر ۽ سندس واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پيارا آهن تہ (ايسين) ترسو جيسين الله پنهنجو عذاب آڻي، ۽ الله بي دين قوم کي (ان خساري مان نڪرڻ جو) رستو نہ ڏيکاريندو آهي." (سورت التوبہ: 24)

"(اي پيغمبر) اهڙي قوم جيڪا الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندي هجي، تنهن کي تون (هن وصف سان) نہ ڏسندين تہ جنهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪئي آهي تنهن سان دوستي رکندا هجن، توڙي جو اُهي سندن پيئر يا سندن پُٽ يا سندن ڀائر يا سندن مائٽ هجن، اِهي (مؤمن اُهي) آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان لکيو آهي ۽ جن کي پنهنجي فيض سان سگهہ ڏني اٿس، ۽ انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن، هو انهيءَ ۾ سدائين رهندا، الله کانئن راضي ٿيو ۽ اُهي کانئس راضي ٿيا، اُهي الله جي جماعت آهن، خبردار (ٿيو تہ) بيشڪ، الله جي جماعت ئي ڇُٽڻ واري آهي." (سورت المجادلہ:22)

"خبردار! الله جي پيارن کي نہ ڪِي آهي ۽ نہ ڪِي اُهي غمگين رهندا." (سورت يونس:22)

"بيشڪ، منهنجو مددگار اُهو الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو، ۽ اُهو نيڪن کي مدد ڏيندو آهي." (سورت الاعراف:196)

رسول الله ﷺ سان محبت جي اهميت
(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

قُلْ إِن كُنتُمْ تُحِبُّونَ اللَّهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿آل عمران: 31﴾

"(اي پيغمبر) چئو تہ جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله اوهان کي دوست رکندو ۽ اوهان جا گناهہ اوهان کي بخشيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي."

إِنَّ اللَّهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا ﴿الأحزاب: 56﴾

"بيشڪ الله ۽ سندس ملائڪ پيغمبر تي رحمت موڪليندا آهن، (ان جا گهڻ گهرا آهن) اي ايمان وارؤ! اوهين بہ مٿس صلوات پڙهو (ان جا گهڻ گهرا ٿيو) ۽ پوري طرح سلام چئو."

قرآن ڪريم سان محبت جي اهميت
(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

- "مُؤمن اُهي ئي آهن جن جون دليون جڏهن الله کي ياد ڪيو ويندو آهي (تہ) ڊڄنديون آهن ۽ جڏهن سندس آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن تڏهن اُهي سندن ايمان کي وڌائينديون آهن ۽ پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن." (سورت الانفال:2)
- "چئو تہ الله جي فضل سان ۽ سندس ٻاجهہ سان (هي قرآن نازل ٿيو آهي) پوءِ اُن سان خوش ٿيڻ گهرجين، جيڪو گڏ ڪندا آهن تنهن کان اُهو ڀلو آهي." (سورت يونس:58)
- "پوءِ جن الله کي مڃيو ۽ هن (قرآن) کي چنبڙي ورتو، تن کي پنهنجي ٻاجهہ ۽ فضل هيٺ سگهو داخل ڪندو ۽ پاڻ ڏانهن ڪين سڌو رستو ڏيکاريندو." (سورت النساء: 175)

ايمان وارن سان محبت جي اهميت

(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

- ”۽ (مومن اهي آهن جيڪي) طعام جي احتياج هوندي مُحتاج ۽ يتيم ۽ قيدي کي (الله جي محبت ۾) کارائيندا آهن. (۽ چوندا آهن ته) اسين ته اوهان کي الله جي واسطي کارائيندا آهيون، اوهان کان نه ڪو بدلو ۽ نه ڪا شڪر گذاري گهرندا آهيون.“ (سورت الدهر:8-9)
- ”۽ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پاڻ ۾ تڪرار نه ڪريو، نه ته سست ٿيندؤ ۽ اوهان جي ((اتفاق جي) سگهه هلي ويندي ۽ صبر ڪريو، بيشڪ الله صابرن سان آهي.“ (سورت الانفال:46)
- ”۽ الله جي رسيءَ (يعني قرآن) کي سڀئي چنبڙي وٺو ۽ ڌاروڌار نه ٿيو...“ (سورت آل عمران:103)
- ”مؤمن ته سڀ ڀائر آهن، تنهن ڪري پنهنجي ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ صلح ڪريو، ۽ الله کان ڊڄو ته مانَ اوهان تي ٻاجھ ڪئي وڃي.“ (سورت الحجرات:10)

دوستيءَ جي فضيلت

(حديثن جي روشنيءَ ۾)

- ابوهريرهؓ چوي ٿو ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”ماڻهو پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي، تنهن ڪري هر ماڻهو کي سوچڻ گهرجي ته هو ڪنهن کي پنهنجو دوست بڻائي رهيو آهي.“ (ترمذي)
- رسول الله ﷺ فرمايو: ”بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي پنهنجو دوست بڻائي سو ڪڏهن به خوار نه ٿيندو ۽ جنهن سان الله تعاليٰ دشمني رکي سو ڪڏهن به مانَ وارو نٿو ٿي سگهي.“ (نسائي)
- حضرت انسؓ چوي ٿو ته رسول الله ﷺ فرمايو: ”(قيامت جي ڏينهن) تون ان سان گڏ هوندين جنهن سان تو محبت ڪئي.“ (مسلم)
- رسول الله ﷺ فرمايو: ”ٻڌو! منهنجي ابي امان جي اولاد مان فلاڻا فلاڻا (ڪافر) منهنجا دوست بلڪل نه آهن.“ (مسلم)

الله تعاليٰ جي راضپي لاءِ محبت ڪرڻ جي فضيلت

(حديثن جي روشنيءَ ۾)

ابو هريرهؓ چوي ٿو ته مان رسول اللهﷺ سان گڏ هئس. پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: ”جنت ۾ ياقوت جي ٿنڀن تي ٻڌل زمرد جون ماڙيون آهن جن جا دروازا کُليل آهن ۽ اهي اهڙا ته چمڪندڙ آهن جيئن ٻرندڙ ستارا چمڪندا آهن.“ اصحاب سڳورن عرض ڪيو: ”اي الله جا رسول (ﷺ)! انهن ماڙين ۾ ڪير رهندا؟“ پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: ”الله جي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪندڙ ۽ الله جي لاءِ هڪ ٻئي وٽ ويهندڙ ۽ الله جي لاءِ هڪ ٻئي سان ملاقات ڪندڙ.“ (بيهقي)

ابو امامهؓ روايت ڪري ٿو ته رسول اللهﷺ فرمايو: ”جنهن ٻانهي الله تعاليٰ جي لاءِ ڪنهن ٻانهي سان محبت ڪئي تنهن پنهنجي رب ذوالجلال ڪي مان ڏنو.“ (مسند احمد)

معاذ بن جبلؓ چوي ٿو ته مون رسول اللهﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو: ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته منهنجي لاءِ پاڻ ۾ محبت ڪرڻ وارن لاءِ، منهنجي لاءِ پاڻ ۾ گڏجي سڏجي ويهڻ وارن لاءِ، منهنجي لاءِ هڪ ٻئي سان ملاقات ڪرڻ وارن جي لاءِ ۽ منهنجي لاءِ هڪ ٻئي تي خرچ ڪرڻ وارن لاءِ منهنجي محبت واجب ٿي وڃي ٿي.“ (موطا امام مالڪ)

عبدالله بن مسعودؓ روايت ڪري ٿو ته رسول اللهﷺ فرمايو: ”بيشڪ، ايمان (جي نشانين) مان آهي ته ڪو ماڻهو ٻئي سان رڳو الله تعاليٰ جي راضپي ۽ خوشنوديءَ جي لاءِ محبت ڪري، جڏهن ته ٻئي ماڻهوءَ ڪيس مال (دنياوي فائدو وغيره ڪجھ به) نه ڏنو هجي. رڳو الله تعاليٰ جي لاءِ محبت ڪرڻ، اهو ايمان (جو ڪامل درجو) آهي.“ (طبراني)

معاذ بن جبلؓ چوي ٿو ته مون رسول اللهﷺ کي هيئن فرمائيندي ٻڌو آهي: ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته: منهنجي جلال جي ڪري پاڻ ۾محبت ڪرڻ وارا اهڙن نور جي منبرن تي هوندا جنهن جي نبي ۽ شهيد به واڪاڻ ڪندا.“ (ترمذي)

ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته نبي ڪريمﷺ جن فرمايو: ”هڪ ماڻهو پنهنجي ڀاءُ سان ملڻ لاءِ ان جي ڳوٺ وڃي رهيو هو. الله تعاليٰ ان جي دڳ ۾ هڪ ملائڪ بيهاري ڇڏيو. جڏهن ملاقاتي اتي پهتو ته ملائڪ ان کان پڇيو: ”ڪيڏانهن پيو وڃين؟“ ملاقاتي جواب ڏنو: ”مان فلاڻي ڳوٺ ڏانهن پيو وڃان، اتي منهنجو ديني ڀاءُ رهندو آهي.“ ملائڪ چيو: ”ڇا ان جو تنهنجي مٿان ڪو ٿورو ٿيل آهي جنهن ڪي لاهڻ

پيو وڃين؟" ملاقاتي جواب ڏنو: "نہ! ڪوبہ ٿورو ناهي. مان ان سان رڳو الله تعاليٰ جي لاءِ محبت ڪريان ٿو." ملائڪ چيو: "مان توڏانهن الله جو موڪليل ملائڪ آهيان (۽ توکي ٻڌائڻ آيو آهيان تہ) الله تعاليٰ بہ توسان ايئن ئي محبت ڪري ٿو جيئن تون رڳو الله تعاليٰ جي لاءِ پنهنجي ديني ڀاءُ سان محبت ڪرين ٿو." (مسلم)

رسول اللهﷺ فرمايو: "ايمان جو لطف ان ماڻهوءَ کي نصيب ٿيندو، جنهن جي دل ۾ الله ۽ ان جي رسول جي محبت سڀني کان وڌيڪ هوندي ۽ جنهن بہ ماڻهوءَ سان محبت هجي رڳو الله تعاليٰ جي لاءِ هجي." (بخاري)

رسول اللهﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ جنهن منهنجي دوستن سان دشمني ڪئي، منهنجو ان جي خلاف جنگ جو اعلان آهي." (بخاري)

ابوذرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ اسان وٽ آيا ۽ فرمايو: "خبر اَٿوَ تہ الله تعاليٰ وٽ سڀ کان وڌيڪ پيارو عمل ڪهڙو آهي؟" ڪنهن جواب ڏنو: "نماز ۽ زڪوات" ڪنهن عرض ڪيو "جهاد" نبي ڪريمﷺ جن فرمايو: "الله تعاليٰ وٽ سڀ کان وڌيڪ پيارو عمل هيءُ آهي تہ الله تعاليٰ جي رضامنديءَ لاءِ محبت ڪئي وڃي ۽ الله جي راضپي لاءِ ڪاوڙ ڪئي وڃي." (احمد)

عباده بن صامتؓ چوي ٿو تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "جيڪو ماڻهو الله سان ملاقات کي پيارو رکي ٿو تہ الله تعاليٰ بہ ان سان ملڻ کي پيارو رکي ٿو. جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ سان ملڻ کي پسند نٿو ڪري تہ الله تعاليٰ بہ ان سان ملڻ پسند نٿو ڪري." (مسلم)

عمرؓ چوي ٿو تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ جي ٻانهن مان ڪي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي نہ نبي هوندا، نہ شهيد هوندا، پر قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ انهن کي اهڙن انعامن سان نوازيندو جن کي نبي ۽ شهيد بہ واڪاڻ جي نظر سان ڏسندا." اصحاب سڳورن عرض ڪيو: "اي الله جا رسول (ﷺ)! اهي ڪير ماڻهو هوندا؟" پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: "اِهي اُهي ماڻهو هوندا جيڪي بنا ڪنهن مٽي مائٽي يا مالي ڏيتي ليتيءَ (جي لالچ) جي رڳو الله تعاليٰ جي رحمت (کي ماڻڻ لاءِ) هڪ ٻئي سان محبت ڪن ٿا. الله جو قسم! انهن جا منهن نوراني هوندا ۽ اهي نور جي منبرن تي ويٺل هوندا. ان وقت جڏهن ماڻهو ڊپ ۾ هوندا تہ انهن کي ڪنهن بہ قسم جو ڊپ نہ هوندو. جڏهن ماڻهو ڏک ۾ گهيريل هوندا تہ انهن کي ڪو بہ ڏک نہ هوندو. ان کان پوءِ رسول اللهﷺ جن هيءَ آيت تلاوت فرمائي: "أَلَآ إِنَّ أَوۡلِيَآءَ ٱللَّهِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ ﴿يونس:62﴾" (ٻڌو! الله جي دوستن کي نہ ڪو ڊپ هوندو، نہ ڳڻتي."

ابوهريرهؓ چوي ٿو تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان محبت ڪندو آهي تہ جبرائيلؑ کي گهرائي فرمائيندو آهي تہ مان فلاڻي ماڻهوءَ سان محبت ڪريان ٿو، تون بہ ان سان محبت ڪر. ايئن جبرائيلؑ بہ ان سان محبت ڪرڻ

لڳندو آهي ۽ (ڳڙوڳڙ) آسمان ۾ اعلان ڪندو آهي تہ فلاڻي ماڻهوءَ سان الله تعاليٰ محبت ڪري ٿو، توهان بہ ان سان محبت ڪريو. ايئن (سمورا) آسمان وارا بہ ان سان محبت ڪرڻ لڳندا آهن. پوءِ زمين ۾ ڪيس مانُ ڏنو ويندو آهي.“ (مسلم)

انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ کي فرمائيندي ٻڌو: ”الله جي گهرن کي آباد ڪرڻ وارا ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ وارا الله تعاليٰ جا دوست ۽ پيارا آهن.“ (طبراني)

عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ”الله تعاليٰ جهڙيءَ طرح توهان انسانن ۾ روزي ورهائي آهي، اهڙيءَ طرح سان اخلاق بہ ورهائي ڇڏيا آهن. الله تعاليٰ دنيا تہ سيني کي ڏيندو آهي، انهن ماڻهن کي بہ جن کي پيارو رکندو آهي ۽ انهن کي بہ جن کي هو پسند نٿو ڪري، پر دين تي هلڻ جي توفيق رڳو انهن کي ڏيندو آهي جن سان ڪيس محبت هوندي آهي؛ تہ جن کي هن دين بخشيو سمجهو تہ اهي الله جا پيارا آهن.“ (مسند احمد)

رسول الله ﷺ سان محبت جي فضيلت

(حديثن جي روشنيءَ ۾)

ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ”مون کان پوءِ منهنجي امت جا ڪي ماڻهو اهڙا پيدا ٿيندا جيڪي مون سان ايتري تہ محبت ڪندڙ هوندا جو انهن مان ڪو اها بہ خواهش رکندو تہ پنهنجو گهر ٻار ۽ مال متاع سڀ ڪجهہ صدقو ڪري ڇڏي.“ (مسلم)

انس بن مالڪ رضي الله عنه چوي ٿو تہ هڪ ماڻهو رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: ”اي الله جا رسول ﷺ! قيامت ڪڏهن ايندي؟“ پاڻ ﷺ ڪائنس پڇيو: ”تو قيامت جي لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟“ اُن ماڻهوءَ عرض ڪيو: ”الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت.“ پاڻ ﷺ فرمايو: ”تون پڪ سان انهن سان گڏ هوندين جن سان تو محبت ڪئي هوندي.“ انس رضي الله عنه چوي ٿو تہ اسلام آڻڻ کان پوءِ اسان کي جيتري خوشي ان ڳالهہ تي ٿي، ايتري خوشي ٻي ڪنهن ڳالهہ تي نہ ٿي. (مسلم)

عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: ”ان ماڻهوءَ ايمان جو صحيح لطف ماڻيو جيڪو الله جي رب هئڻ تي، اسلام جي دين هئڻ تي ۽ محمد (ﷺ) جي رسول هئڻ تي راضي ٿيو.“ (مسلم)

عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ هڪ ماڻهو نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: ”اي الله جا رسول ﷺ! مان توهان (ﷺ) کي پنهنجي ساهہ کان بہ وڌيڪ پيار ڪريان ٿو ۽ پنهنجي پُٽ کان بہ وڌيڪ محبت ڪريان ٿو. جڏهن گهر ۾

هوندو آهيان ۽ توهان جي ياد ايندي آهي تہ ان وقت تائين قرار ناهي ايندو جيستائين توهان جي خدمت ۾ اچي توهان جو ديدار نہ ڪريان پر جڏهن مون کي پنهنجو ۽ توهان(ﷺ) جو موت ياد ايندو آهي تہ سمجهندو آهيان تہ جنت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ توهان(ﷺ) نبين سڳورن سان گڏ مٿاهين درجي تي هوندا ۽ مان جيڪڏهن جنت ۾ داخل بہ ٿيس تہ (هيٺئين درجي ۾ هئڻ ڪري) ڊپ آهي تہ توهان (ﷺ) جو ديدار ڪري نہ سگهندس." نبي ڪريم ﷺ پنهنجي اصحابي جي ان ڳالهہ جو جواب ان وقت تائين نہ ڏنو جيستائين جبرائيلؑ هيٺين آيت کڻي نہ آيو:

"۽ جيڪي الله ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪندا سي انهن سان گڏ رهندڙ آهن جن تي الله فضل ڪيو آهي (يعني) پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح، ۽ اُهي چڱا سنگتي آهن. (سورة النساء:69)" (طبراني)

ايمان وارن سان محبت جي فضيلت

(حديثن جي روشنيءَ ۾)

- نعمان بن بشيرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "تون مسلمانن کي پاڻ ۾ ٻاجهہ ڪرڻ، محبت ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي ڏانهن جهڪڻ ۾ ايئن ڏسندين جيئن جسم جو حال هوندو آهي تہ جيڪڏهن (جسم جي) ڪنهن هڪ عضوي ۾ ڪا بيماري ٿي پوندي آهي تہ جسم جا باقي سمورا عضوا بي آرامي ۽ بخار ۾ وٺجي ويندا آهن." (بخاري ۽ مسلم)
- ابو هريرهؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "هڪ مومن ٻئي مومن جو آئينو آهي ۽ هڪ مومن ٻئي مومن جو ڀاءُ آهي. ان جي نقصان (واري ڪم) کان ان کي روڪيندو آهي ۽ ان جي هر پاسي کان حفاظت ڪندو آهي." (ابوداؤد)
- ابوذرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "توهان جو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ مسڪرائڻ بہ صدقو آهي." (ترمذي)
- ابن عمرؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "جيڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ کي مهل تي ڪم اچي، الله تعاليٰ ان جي ضرورت جي وقت مدد ڪندو." (بخاري ۽ مسلم)
- ابودرداءؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو: "جيڪي بہ ماڻهو پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي غير موجودگيءَ ۾ الله تعاليٰ جي رضامنديءَ جي لاءِ

محبت ڪندا ته انهن ۾ني مان الله تعاليٰ جو وڌيڪ پيارو اهو آهي جيڪو پنهنجي ساٿيءَ سان وڌيڪ محبت ڪندو هجي." (طبراني)

- ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: "توهان جنت ۾ نٿا وڃي سگهو جيستائين مؤمن نه بڻجي وڃو ۽ توهان ان وقت تائين مومن نٿا ٿي سگهو جيستائين پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان محبت نه ڪريو. ڇا مان توهان کي اهڙو عمل نه ٻڌايان جنهن جي ڪرڻ سان توهان جي وچ ۾ محبت پيدا ٿي پوي؟ اهو عمل هيءُ آهي ته سلام کي پاڻ ۾ گهڻو پکيڙيو." (مسلم)
- ابن عمرؓ فرمائي ٿو ته رسول اللهﷺ منبر تي وينا ۽ تمام وڏي آواز سان فرمايائون: "اي اهي ماڻهؤ جن زباني اسلام قبول ڪيو آهي ۽ ايمان توهان جي دلين ۾ داخل نه ٿيو آهي! توهان مسلمان ڀاءُ کي نه ايذايو ۽ نه انهن کي لڄايو. نه انهن جا عيب کولڻ پويان لڳو. جيڪي ماڻهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جا عيب کوليندا ته الله انهن جا عيب کوليندو ۽ جنهن جا عيب الله تعاليٰ کولي تنهن کي خوار ڪري ڇڏيندو، پوءِ ڀلي ڇو نه گهر جي اندر ويٺل هجي." (ترمذي)
- ابو ايوب انصاريؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: "ماڻهو جي لاءِ جائز نه آهي ته هو پنهنجي ڀاءُ سان ٽن راتين کان وڌيڪ لاڳاپا ٽوڙي رکي جو ٻئي رستي ۾ هڪ ٻئي سان ملن ته منهن ڦيري ڇڏين ۽ انهن ٻنهي ۾ ڀلو اهو آهي جيڪو سلام ۾ اڳرائي ڪري. (بخاري ۽ مسلم)
- رسول اللهﷺ فرمايو: "ناتا ٽوڙڻ وارو (يعني مٽي مائٽي ڇنڻ وارو) جنت ۾ داخل نه ٿيندو." (بخاري)
- رسول اللهﷺ فرمايو: "مان ان ماڻهوءَ کي جنت ۾ گهر ڏيارڻ جي ذميواري کڻان ٿو جيڪو حق تي هئڻ باوجود جهيڙو ڇڏي ڏئي." (ابوداؤد)
- نعمان بن بشيرؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: "دوستي، ٻڌي ۽ ٻاجهه ڪرڻ جي معاملي ۾ ايمان وارن جو مثال هڪ جسم جهڙو آهي. جڏهن جسم جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ تڪليف ٿيندي آهي ته سمورو جسم اها تڪليف محسوس ڪندو آهي." (مسلم)

نيڪ ماڻهن سان محبت جي فضيلت

(حديثن جي روشنيءَ ۾)

عبدالله بن مسعودؓ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: ”اي الله جا رسول(ﷺ)! توهان ان ماڻهوءَ جي باري ۾ ڇا ٿا چئو جيڪو اهڙن نيڪ ماڻهن سان محبت ڪري ٿو جن جي نيڪ عملن ڪي هو ڄاڻي ٿو.“ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: ”قيامت جي ڏينهن هو انهن ماڻهن سان هوندو جنهن سان هن کي محبت هوندي.“ (مسلم)

ڪافرن سان دوستيءَ کان روڪڻ جو حڪم

(قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾)

جيڪي ڪافر يا اسلام جا انڪاري مسلمانن سان ڪينو رکن ٿا، توحيد جي ۽ اسلام جي پرچار سان ڪينو رکن ٿا ۽ ان ۾ رڪاوٽون وجهن ٿا يا مسلمانن کي ايذائين ٿا، اهڙن ڪافرن ۽ منڪرن کان قرآن حڪيم ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته اهڙن ماڻهن کي پنهنجو رازدار دوست ۽ محبتي نه بڻايو.

چئن قسم جا لاڳاپا هوندا آهن جيڪي ڪنهن به قوم سان رکي سگهجن ٿا. اچو ته اسلامي نقط نگاهه کان ڏسون ته انهن ۾ ڪافرن سان ڪهڙا جائز آهن ۽ ڪهڙا منع ڪيل آهن.

(1) همدرديءَ وارو لاڳاپو

- ڪنهن به ضرورتمند غير مسلم سان همدردي ڪري سگهجي ٿي.
- انهن جي ڪُرجن کي به پورو ڪري سگهجي ٿو.
- ڪو بکيو آهي ته کاڌو کارائجي ۽ مددگاري ڪجي.
- مسلمان ڊاڪٽر انهن جو علاج به اعليٰ انساني همدرديءَ جي بنياد تي ڪري.
- ديني مقصدن کي سامهون رکندي پاڙيسري حقن سميت بيماريءَ ۾ انهن جي عيادت به ڪجي.
- انسؓ کان روايت آهي ته هڪ يهودي ڇوڪرو نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ڪندو هو. هو بيمار ٿي پيو ته پاڻ سڳورن ﷺ جن ان کان پڇڻ ويا. (طبيعت پڇڻ کان پوءِ) ان کي فرمايائون: ”مسلمان ٿيءُ“ ته هو مسلمان ٿي ويو. (بخاري)

(2) ڪاروبار ۽ ڏيتي ليتي

غير مسلم سان واپار ڪرڻ، ڪاروبار ڪرڻ، صنعتڪاري ڪرڻ جي اجازت آهي. انهن جي ادارن ۾ نوڪري به ڪري سگهجي ٿي. ڪاروبار، وهنوار ۽ ڊيوٽيءَ ۾ مسلمانن کي گهرجي ته مثالي نمونو پيش ڪن.

غير مسلم استاد يا انهن جي اسڪولن مان دنياوي تعليم به پرائي سگهجي ٿي.

اهڙي طرح سان گهرن ۾ عيسائي، هندو يا پارسي مذهب وارن کي ملازم پڻ رکي سگهجي ٿو. انهن سان به اهڙي هلت هلجي جو اعليٰ انساني قدرن جو مثالي نمونو سامهون اچي.

ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو: “حڪمت مومن جو گم ٿيل ورثو آهي، تنهن ڪري مومن کي اها جتان به ملي ته هو ئي ان جو وڌيڪ حقدار آهي.” (ترمذي)

(3) آڌرڀاءُ

ڪافرن سان سهڻي سلوڪ سان پيش اچڻ ۽ جيڪڏهن مهمان ٿي اچن ته انهن جو آڌرڀاءُ ڪرڻ جائز آهي. اسان کي مثالي اخلاق جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي.

جيڪڏهن ڪو غير مسلم پاڙيسري آهي ته ڀلائيءَ جو انساني رويو رکجي. اسلام جو سهڻو تصور انهن اڳيان آڻڻ لاءِ ڪين سو ڪڙيون به ڏئي سگهجن ٿيون.

(4) ياري دوستي

ساڻن رواجي تعلقات کانسواءِ رازداريءَ جي دوستي بلڪل منع آهي ۽ انهن سان قلبي تعلق نٿو رکي سگهجي. انهن تي ويساهه ڪري، پنهنجا مسئلا انهن سان سلڻ جي به اجازت نه آهي. البت دنيا جي وهنوار ۽ ڏيتي ليتيءَ ۾ سيني سان اعليٰ اخلاق جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. انهن کان متاثر ٿي، انهن کي پنهنجي لاءِ نمونو (role model) بڻائڻ، انهن جهڙو حال ۽ حليو بنائڻ کان به منع ڪئي وئي آهي.

شيطان جي دوستيءَ کان بچڻ جو حڪم

قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ ڪيترين ئي جاين تي شيطان جي شرارتن ۽ ان جي بڇڙائين کان اسان کي واقف ڪندي چٽائيءَ سان ٻڌايو آهي ته شيطان اسان جو پڌرو دشمن آهي.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

“بيشڪ، شيطان اوهان جو ويري آهي تنهن ڪري اُن کي ويري (ڪري)

وٺو، (هو) پنهنجي ٽولي کي رڳو هن لاءِ سڏيندو آهي ته دوزخين مان ٿين.” (سورة فاطر:6)

اصل ۾ هو اسان جي اکين کان اوجهل آهي، جنهن ڪري اسان ان جي وسوسن جو شڪار ٿي ويندا آهيون. ان ڪري ئي هو اسان وٽ دشمن بڻجي نه، پر دوست بڻجي اچي ٿو. همدردي ۽ خيرخواهيءَ جي اوٽ ۾ اسان کي گناهن ۾ ڦاسائيندو آهي، تنهن ڪري اسان کي پنهنجي دشمن جي سڃاڻ هئڻ گهرجي. ان جو سڀ کان سؤلو طريقو هيءُ آهي ته اسان قرآن ۽ حديث جي وسيلي ان جي ٺڳيءَ ۽ ڌوهه کي سمجهون.

قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿيل آهي:

“اهو (شيطان) ماڻهوءَ کي چوندو آهي ته ڪافر ٿيءُ، پوءِ جنهن مهل ماڻهو ڪافر ٿيو (تنهن مهل هو) چوندو آهي ته بيشڪ آءٌ توکان بيزار آهيان، آءٌ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄان ٿو.” (سورة الحشر:16)

هڪ ٻي جاءِ تي فرمايو ويو ته آخرت ۾ شيطان چوندو:

“(قيامت جي ڏينهن) شيطان چوندو ته الله اوهان سان سچو انجام ڪيو هو ۽ مون اوهان سان (ڪوڙو) وعدو ڪيو هو، پوءِ اوهان سان نه پاڙيم، مون کي اوهان تي اوهان جي سڏڻ کانسواءِ (ٻيو ڪو) زور نه هو، پوءِ اوهان منهنجو چيو قبول ڪيو، تنهن ڪري مون کي جٺ ڦٽ نه ڪريو ۽ (هاڻي) پاڻ کي جٺ ڦٽ ڪريو.” (سورة ابراهيم:22)

شيطان جو قيامت جي ڏينهن اهو ئي ڪرو جواب هوندو، تنهن ڪري اسان کي دنيا ۾ ئي ان جي دوستيءَ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ته جيئن آخرت ۾ پڇتاءَ کان بچاءُ ٿي وڃي.

رسول اللهﷺ فرمايو: “مان توهان کي حڪم ڏيان ٿو ته الله کي وڌ کان وڌ ياد ڪريو ۽ ذڪر جو مثال ائين آهي جيئن ڪنهن ماڻهوءَ جا دشمن تمام تيزيءَ سان ان جي ڪڍ هجن، ايستائين جو اهو ماڻهو ڀڄي وڃي هڪ سگهاري ڪوٽ ۾ پناهه وٺي ۽ دشمنن جي هٿان پڪڙجي وڃڻ کان بچي وڃي. ائين ٻانهو شيطان کان ڇوٽڪارو ماڻي نٿو سگهي پر الله تعالىٰ جي ياد جي سهاري.” (ترمذي)

معاذ بن جبلؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “جيئن ٻڪرين جو دشمن بگهڙ آهي ۽ پنهنجي ڌڻ مان جدا ٿي وڃڻ وارين ٻڪرين جو آسانيءَ سان شڪار ڪري وٺندو آهي، ائين ئي شيطان به هڪ بگهڙ وانگر آهي. جيڪڏهن انسان جماعت ۾ ڳنڍجي نه رهن ته

انهن کي جدا جدا آسانيءَ سان شڪار ڪري وٺندو آهي. سو اي ماڻهؤ! جدا جدا واٽن تي نہ هلجو پر توهان لاءِ ضروري آهي تہ جماعت ۽ عام مسلمانن سان گڏ رهجو.“ (مسند احمد)

نيڪ محبت ماڻ جون مسنون دعائون

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْئَلُكَ حُبَّكَ وَ حُبَّ مَنْ يُّحِبُّكَ وَالْعَمَلَ الَّذِيْ يُبَلِّغُنِيْ حُبَّكَ

”اي الله! مان توکان سوال ڪريان ٿو تنهنجي محبت جو ۽ ان ماڻهوءَ جي محبت جو جيڪو توسان محبت ڪري ٿو ۽ اهڙي عمل جي محبت جو جيڪو مون کي تنهنجي محبت جي لائق بڻائي.“ (ترمذي)

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَعُوْذُبِكَ مِنْ يَّوْمِ السُّوْٓءِ وَمِنْ لَّيْلَةِ السُّوْٓءِ وَمِنْ سَاعَةِ السُّوْٓءِ وَمِنْ صَاحِبِ السُّوْٓءِ وَمِنْ جَارِ السُّوْٓءِ فِيْ دَارِ الْمَقَامَةِ

”اي الله! مان ڏينهن جي برائي، رات جي برائي، گهڙيءَ جي برائي، سنگتيءَ جي برائي ۽ رهڻ واري هنڌ جي پاڙيسريءَ جي برائيءَ کان تنهنجي پناهہ ۾ اچان ٿو.“ (طبراني)

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنِيْ حُبَّكَ وَحُبَّ مَنْ يَّنْفَعُنِيْ حُبُّهٗ عِنْدَكَ اَللّٰهُمَّ مَا رَزَقْتَنِيْ مِمَّآ اُحِبُّ فَاجْعَلْهُ قُوَّةً لِّيْ فِيْمَا تُحِبُّ اَللّٰهُمَّ مَا زَوَيْتَ عَنِّيْ مِمَّآ اُحِبُّ فَاجْعَلْهُ فَرَاغًا لِّيْ فِيْمَا تُحِبُّ

”اي الله! مون کي پنهنجي محبت عطا ڪر ۽ هر اها محبت (عطا ڪر) جيڪا مون کي تنهنجي ويجهو ٿيڻ ۾ فائدو ڏئي. اي الله، جيڪو ڪجهہ تو مون کي عطا ڪيو آهي جنهن سان مان محبت ڪريان ٿو، تون ان کي انهن ڪمن ڪرڻ جو ذريعو بڻاءِ جن سان تون محبت ڪرين ٿو. اي الله! جيڪو ڪجهہ تو مون کان ورتو جنهن سان مان محبت ڪريان ٿو، تون ان کي منهنجي لاءِ بي نيازيءَ جو ڪارڻ بڻاءِ انهن ڪمن لاءِ جن سان تون محبت ڪرين ٿو.“ (ترمذي)

(هن ڪتاب جو ليکڪ ابوالفضل نور احمد ميمڻ آهي، پاڻ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر آهي.)





















حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هائي وي ڪالوني،
اسڪيم 33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097